## ايگزيڪيوٽو ۽ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر

ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪئنالن جي مختلف حصن جي انتظام هلائڻ ۽ انهن جي سارسنڀال ڪرڻ ۽ جنرل مئنيجر ٽرانزيشن کي برانچ ڪئنالن بابت رپورٽ ڏيڻ جا ذميوار آهن.

## ايريا واٽر بورڊ جا هدف

آبپاشي ۽ سم جي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ ايريا واٽر بورڊ ٻيو ڏاڪو آهي.

پهريون ڏاڪو سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) آهي، جيڪا سنڌو درياهه تي موجود بئراجن جو انتظام هلائي ٿي ۽ ايريا واٽر بورڊن کي پاڻي ورهائي ڏئي ٿي.

ٽيون ڏاڪو آبادگار تنظيمون آهن اهي پاڻي ايريا واٽر بورڊن کان حاصل ڪن ٿيون ۽ آبادگارن ۾ ٻين پاڻي واپرائيندڙ ۾ ورهائين ٿيون. اهي ايريا واٽر بورڊن کي ان پاڻيءَ جي ادائگي ڪن ٿيون ۽ آبادگارن کان فراهم ڪيل پاڻيءَ جي وصولي ڪن ٿيون.

## ايريا واٽر بورڊن جا ڪم ۽ ذميواريون

ايريا واٽر بورڊن جا هيٺيان ڪم ۽ ذميواريون آهن:

- انهن کي حوالي ڪيل مکي واهن ۽ شاخن جو انتظام هلائڻ ۽ انهن جي سارسنڀال ڪرڻ.
- انهن کي حوالي ڪيل سم جي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي جا حصن ۽ 15 ڪيوسڪن کان وڌيڪ پاڻي ڪڍندڙ ٽيوب ويلن تي هلندڙ نالن (جن ۾ سم جون وڏيون ناليون (Drains) ۽ ايريا واٽر بورڊ جون ٻہ ناليون شامل نہ هونديون) جو انتظام هلائڻ ۽ انهن جي نظرداري ڪرڻ.
- ٻوڏ کان بچاءُ ۽ پنهنجي حد ۾ ٻوڏ کان بچاءُ وارو ڍانچو (بچاءُ بند وغيره) جي سارسنڀال ڪرڻ.
- پنهنجي حد اندر آبادگار تنظيمون ناهن، وڌائڻ ۽ انهن کي ترقي ڏيارڻ تہ جيئن ستن کان ڏهن سالن اندر اهي پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي مالي طور پاڻپريون ٿي سگهن.
- پنهنجي ڪم ۽ ڪارگذارين سان لاڳاپيل حڪمت عملي يا عارضي عمل وارن مامرن تي صوبائي ۽ آيا مقامي حڪومت کي صلاح مشورا ڏيڻ.

- پيو ڪوبہ اهو ڪم ڪرڻ جيڪو هن آرڊيننس يا ايندڙ قانون هيٺ کين سونپيو ويو هجي.

## ايريا واٽر بورڊ جا خاص ڪم

پنهنجي ڪردار ۽ ڪم جي حوالي کان ايريا واٽر بورڊ جون هيٺيون ڪارگذاريون هونديون:

- مختلف وقتن تي اهڙي حڪمت عملي تيار ڪرڻ جنهن سان آبپاشي ۽ سم جي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ سڌارا آڻڻ پيئڻ جي پاڻي ۽ مجموعي طور پاڻيءَ جي نظام کي بهتر بنائڻ، سوڪهڙي دوران پاڻيءَ جي ورهاست ڪرڻ.
- هر سال هڪ ڪاروباري رٿا جوڙڻ، جنهن جي مدد سان ايندڙ پنجن مالي سالن دوران پنهنجين سرگرمين لاءِ تجويزون طئہ ڪرڻ.
- پاليسيون جوڙڻ ۽ انهن تي عمل درآمد ڪرڻ تہ جيئن ايريا واٽر بورڊ جي حوالي سان اهو قابل انتظام پاڻپرو ۽ مالي لحاظ کان پنهنجن پيرن تي بيهڻ لائق ٿي سگهي.

## معلومات عام ڪرڻ

- ايريا واٽر بورڊن جي ڪارڪردگي بابت ڪابہ معلومات نگران اختياري کي مفت ۾ اهڙي طريقي، نمونن کي وقت تي پهچائڻ، جيئن ضروري هجي.
- پاڻيءَ جي مقدار بابت رٿابندي، پاڻيءَ جي اصلي ورهاست ۽ بنهي جي ڀيٽ ڪري يا اهڙو مواد ڇپائڻ ۽ پڌرو ڪرڻ تہ اهڙي معلومات آسانيءَ سان ۽مناسب وقفن سان مهيا ڪري سگهجي ٿي.
- نگران اختياري ( R.A ) جي ترقي، پاليسين، طريقيڪار ۽ ماڻهن بابت اهڙيءَ طرح مواد ڇپائڻ جيئن اها چاهي ۽ جن ترين بابت مواد ڇپائڻ گهري.
- اهڙا اضافي مواد ڇپائڻ، جيڪو ايريا واٽر بورڊ ۾ دلچسپي رکندڙ واسطيدار ماڻهن ۽ عام ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ ضروري هُجن.
- جيڪڏهن سمجهيو وڃي تہ سنڌس حد ۾ ٻوڏ جي ڪري نقصان ٿي سگهي ٿو تہ ٻوڏ جو عام چتاءُ ڏيڻ ۽ اهڙن سيني ترين کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ، جيڪي ان کان متاثر ٿي سگهن ٿيون.

Sohni Printers, Khokhar Muhalla, Hyd.

SIDA
SINDH IRRIGATION AND DRAINAGE AUTHORITY

# ايريا واٽر بورڊ (AWB) ڇا آهي؟

## سنڌس مول متا، دائرو ۽ ڪم ڪرڻ جو طريقو



پاران:
ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن سيڪشن،
سيڊا حيدرآباد.
A-28 سول لائين، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.
اي ميل: cs@sida.org.pk
فون 9200649-9200647

## تعارف

ايريا واٽر بورڊ هڪ اهڙو ادارو آهي، جيڪو سنڌ جي آبپاشي ۽ سم جي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ آندل سڌارن تي عمل درآمد جي سلسلي ۾ هڪ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ايريا واٽر بورڊ هڪ خودمختيار ادارو آهي، جنهن جو انتظام سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع ۽ سندس پنهنجن قاعدن پٽاندڙ هلايو وڃي ٿو. پهريون ايريا واٽر بورڊ ميرپورخاص ۾ نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ جي نالي سان قائم ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ ٻه ايريا واٽر بورڊ: ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ بدين ۾ نومبر 2001ع ۾ ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪئنال ايريا واٽر بورڊ گهوٽڪيءَ ۾ جنوري 2002ع ۾ قائم ڪيا ويا. هن وقت اهي ٽئي ايريا واٽر بورڊ باقاعدگيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ چوڏهن مک ڪئنال آهن، جن مان چئن تي ٽي ايريا واٽر بورڊ قائم ٿي چڪا آهن. باقي 10 هن تي ايريا واٽر بورڊ قائم ٿيڻا آهن.

## قيام جو مقصد

ايريا واٽر بورڊن جي قيام جو مقصد پاڻيءَ جي انتظام کي سڌارڻ آهي انهن کي پاڻيءَ جي پروسي جوڳي ۽ منصفاڻي ورڇ کي گهٽ خرچ تي يقيني بڻائڻو آهي.

## ايريا واٽر بورڊ جي قانوني حيثيت
## (1) ايريا واٽر بورڊ

- ايريا واٽر بورڊ "شراڪتي ادارو" (باڊي ڪارپوريٽ) هوندو. هيءُ ادارو مستقل حقداري (پرپيچوئل سيڪشن) واري اصول تي ڪم ڪندو. هيءُ ادارو، انهيءَ نالي سان مقدمو داخل ڪري سگهندو ۽ مٿس به انهيءَ نالي سان مقدمو داخل ڪري سگهبو.
- ان کي اثاثا مقاطعي تي ڏيڻ، حاصل ڪرڻ، پاڻ وٽ رکڻ ۽ ان کي نيڪال ڪرڻ جا اختيار هوندا پر ان کي سرڪاري زمين پاڻ وٽ رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جا اختيار نه هوندا ۽ اهڙي زمين سرڪار لاءِ ٽرسٽ طور رکي ويندي.
- ايريا واٽر بورڊ ڪاروباري معاملن ۾ خودمختيار هوندو.

(2) تقرريءَ جو فيصلو هيٺينءَ ريت هوندو:

- ايريا واٽر بورڊ: جيستائين ڊائريڪٽر مقرر نه ڪري، تيستائين قائم مقام ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويندو.
- ايريا واٽر بورڊ جو بنيادي ڍانچو.

## ايريا واٽر بورڊ جو سٿاءُ

هرهڪ ايريا واٽر بورڊ هڪ بورڊ تي ٻڌل هوندو آهي. جنهن ۾ آبادگارن جا نمائندا اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. آبادگارن ڪان سواءِ بورڊ تي لاڳاپيل ادارن جهڙوڪ زراعت، سماجي ترقي، ماليات، ڳوٺاڻي سماجيات، آبپاشي ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي وغيره جا مڃيل ماهر موجود هوندا، وڏا فيصلا بورڊ ڪندو. جيئن، بجيٽ جي منظوري، ساليانيون رپورٽون، پاليسيءَ جي رهنمائي ۽ ضابطا لاڳو ڪرڻ وغيره. بورڊ جو چيئرمين آبادگارن جي نمائندن جو چونڊيل هوندو.

### جوڙجڪ

ايريا واٽر بورڊ جي جوڙجڪ ۾ چونڊيل، غير سرڪاري ۽ نامزد ڪيل ميمبر شامل آهن.

### چونڊيل ميمبر

- واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد اندر واقع آبادگار تنظيم پاران پاڻي ڪٽندڙ ننڍن آبادگارن مان چونڊيل هڪ ميمبر.
- واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد اندر واقع آبادگار تنظيم پاران پاڻي ڪٽندڙ پڇڙيءَ وارن آبادگارن مان چونڊيل هڪ ميمبر.
- واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ موجود آبادگار تنظيم مان چونڊيل ٻه ميمبر.

### نامزد ڪيل ميمبر

- هڪ ميمبر سيڊا پاران مقرر ڪيو ويندو.
- هڪ ميمبر ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ موجود مقامي ايوان زراعت پاران نامزد ڪيو ويندو، جيڪو هڪ برک ۽ واسطيدار آبادگار هوندو. جيڪڏهن ڪنهن ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ هڪ کان وڌيڪ زراعت جا ايوان آهن ته ان صورت ۾ جنهن ايوان زراعت وٽ وڌيڪ جاگرافيائي ايراضي هوندي، ان جو ميمبر نامزد ڪيو ويندو.

### چونڊيل ۽ نامزد ڪيل ميمبرن پاران ڪانڊيل (دعوت ڏنل) ميمبر

- هڪ ميمبر، آبپاشي يا ٻي لاڳاپيل شعبي جو پس منظر رکندڙ خودمختيار ماهر هوندو.
- هڪ ميمبر برک صنعتڪار هوندو. جيڪو ترجيحي طور واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ ڪم ڪندڙ ايوان تجارت جو ميمبر هوندو.
- هڪ ميمبر، خودمختيار ماهر هوندو، جنهن کي ماحوليات جو پس منظر هجي.
- هڪ ميمبر، خودمختيار تعليمي ماهر هوندو، جنهن کي سماجي اڳواڻيءَ جو پس منظر هجي.

### غيرسرڪاري ميمبر

- هڪ ميمبر واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ وڌ ۾ وڌ ايراضي رکندڙ ضلعي نائب ناظم يا سندس نامزد ڪيل ڪو ماڻهو هوندو، پر ڪوبه نائب ناظم يا سندس نامزد ڪيل شخص هڪ کان وڌيڪ ايريا واٽر بورڊن جو ميمبر نٿو ٿي سگهي.
- ايريا واٽر بورڊ جو ڊائريڪٽر، صلاحڪاري ميمبر ۽ سيڪريٽري هوندو.
- آرڊيننس جي سيڪشن 5 جا سڀ سيڪشن 3 کان 9 تائين ضروري تبديلين سان ايريا واٽر بورڊ سان لاڳو ٿيندا.
- بورڊ جي چيئرمين ۽ ميمبرن جا سيڌا اندر ڪي به فرائض نه هوندا.

ايريا واٽر بورڊ جو ڊائريڪٽر بورڊ کي رپورٽ ڏيندو. ايريا واٽر بورڊ جي روزاني معاملن جي انتظام جي ذميواري به مٿس آهي.

## ايريا واٽر بورڊ سان سهڪار

ايريا واٽر بورڊ سان انتظامي بورڊ سهڪار ڪندو، جيڪو ٻن جنرل مئينجرن تي ٻڌل هوندو.

- جنرل مئينجر آپريشن: جنرل مئينجر آپريشن ايريا واٽر بورڊ جي فني مقصدن، آبپاشي ڪئنالن جو انتظام هلائڻ ۽ انهن جي سارسنڀال ڪرڻ ۽ سم جي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۽ ٻوڏ کان بچاءُ واري سرشتي جي اندروني ڍانچي ( Infrastructure ) جي نظرداريءَ لاءِ ذميوار آهي.
- جنرل مئنيجر ايڊمنسٽريشن ائنڊ ڪسٽمر رليشن: جنرل مئنيجر ايڊمنسٽريشن ائنڊ ڪسٽمر رليشن مٿان اهڙن معاملن جي ذميواري آهي، جيڪي ماليات، عملي خودڪار ڪلن کي متحرڪ ڪرڻ ( Automation ) رابطي ۽ ايريا واٽر بورڊ جي آبادگار تنظيمن ۽ ٻين پاڻي واپرائيندڙ ۽ گراهڪن سان لاڳاپيل آهن.